**منظور علي ويسريو**
قائد اعظم يونيورسٽي، اسلام آباد

# تذڪرو، قدامت ۽ اهميت

# TAZKIRAH, TECHNIQUE AND IMPORTANCE

**Abstract**

Work containing biographical notices on the lives of poets is called Tazkirah. Tazkirah is one of the major source of literary history. Literary history of any language is mostly based on facts and figures given in those Tazkirahs. In Sindhi there are many Tazkirahs are written. The first major and important Tazkirah is written by Professor Lutufullah Badvi Tazkirah-e-Lutufi in Sindhi which consist on three volumes which were published one by one in 1943, 1946, 1952-53. After this major were there are so many Tazkirahs have been written in Sindhi. But there has been nothing written on the technique of Tazkirah in Sindhi. Therefore, in this research article I discussed the meaning, definition of Tazkirah, difference between Tazkirah and Bayaz, difference between history and Tazkirah and lastly the importance of Tazkirah.

تذڪره نگاري نهايت اعليٰ فن آهي جيڪو تاريخ نگاري کان الڳ هڪ فن آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ترقي ڪندو رهيو ۽ پنهنجي ارتقائي مرحلن کان پوءِ طرح طرح جي صنفن ۾ تقسيم ٿيو. ابتدا ۾ اهو صرف حديث جي روايت ڪندڙن جي احوال تي مشتمل هو بعد ۾ ڦهلجندو، مختلف علمن ۽ فنن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جو احوال پيش ڪرڻ لڳو ۽ آهستي آهستي اهو تاريخدانن، مفڪرن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي تذڪرن تائين پهتو.

## تذڪره نگاري جي معنيٰ ۽ مفهوم

اردو دائره معارف اسلاميه مطابق:

ترجمو: ”تذڪره“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي يادگار، ياداشت، اهو جنهن سان ضرورت جي شيءِ ياد اچي.“ (1)

ڊاڪٽر فرمان فتح پوري تذڪري جي معنيٰ بابت لکي ٿو ته:

ترجمو: ”اردو ۽ فارسي لغتن ۾ به تذڪري جي ٻين ڪيترن ئي معنائن سان گڏ هڪ معنيٰ اها به ٻڌائي وئي آهي ته اهڙو ڪتاب جنهن ۾ شاعرن جو احوال لکيو

وڃي. يعني لغت جي معنيٰ سان شعر ۽ ادب جي اصطلاح ۾ شعرن ۽ شاعرن جي احوالن سان تعلق رکندڙ ڪتاب کي "تذڪره" چئجي ٿو." (2)

تذڪري جي مفهوم ۽ وصف متعلق ڊاڪٽر فرمان فتح پوري لکي ٿو تہ:

ترجمو: "تذڪره نگاري جي مفهوم ۽ ان جي وصف بيان ڪرڻ چاهيون تہ چئي سگهون ٿا تہ "بياض" جي ترقي يافتہ صورت جو نالو تذڪرو آهي. بياض ۾ رڳو شعرن جي چونڊ سان گڏ شعر چوندڙ جي نالي يا تخلص جو اضافو ڪيو ويو تہ ان جو نالو تذڪرو ٿي ويو. بعد ۾ شاعر جي نالي ۽ تخلص ۾ خاص ترتيب پيدا ڪئي وئي. ڪٿي ابجد جي حساب سان ترتيب رکي وئي، ڪٿي الف-ب جي ترتيب کي ترجيح ڏني وئي. ان سان گڏ زندگي، جي مختصر احوال ۽ ڪلام تي مختصر تبصري جو اضافو ڪيو ويو ۽ "تذڪرو" بياض کان اڳيان وڌي نيم تاريخي، نيم تنقيد ۽ سوانح نگاري جو رنگ گهرو ٿيندو ويو ۽ آهستي آهستي تنهي رنگن جي هن ملاوٽ، جنهن کي حقيقي معنيٰ ۾ نہ ادبي تاريخ جو نالو ڏئي سگهون ٿا ۽ نہ ئي سوانح نگاري سان تعبير ڪري سگهون ٿا، تذڪري جو فن سڏجڻ لڳو ۽ شاعرن جي مختصر احوال، ڪلام تي مختصر تبصري ۽ شعرن جي چونڊ کي ان فن جا اهم جزا شمار ڪيو ويو." (3)

ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر "تذڪري" متعلق لکي ٿو تہ:

ترجمو: "تذڪرو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جو لغوي مطلب آهي ياد ڪرڻ، ياد ڏيارڻ، يادگار وغيره. تنهن ڪري اصطلاحي طور تي تذڪرو ان ڪتاب کي چئجي ٿو جنهن ۾ مصنف ڪنهن اهڙي شخص يا شخصيتن جو احوال قلمبند ڪري ٿو جنهن کي هو ياد ڪرڻ، ياد رکڻ، ياد ڏيارڻ يا جن جي ياد جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿو. تذڪري ۾ مصنف اختصار سان لاڳاپيل شخصيت جا سيئي پهلو بيان ڪري ٿو جو اها شخصيت ياد رهجي وڃي. ان جي برعڪس سوانح ۾ زندگيءَ جي باري ۾ تفصيل سان بيان ڪيو وڃي ٿو." (4)

سنڌ جو ناليوارو نقاد مولانا غلام محمد گرامي ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

"اصل ۾ تذڪره نگاري نهايت عظيم فن آهي. ان فن جي لوازمات ۽ اصولن کي اڳيان رکي ئي روايتن کي پرکڻو آهي ۽ تنقيدي نقطہ نظر سان "زندگي ۽ فن" جو جائزو وٺڻو آهي ۽ صحتمند مواد پيدا ڪرڻو آهي." (5)

مظفر حسين جوش "تذڪره نگاري" متعلق لکيو آهي تہ:

"تذڪره نگاري بہ ادب ۾ هڪ مستقل فن جي حيثيت رکي ٿي. تذڪري لکڻ وقت تذڪره نگار کي ڪيترين ئي ڳالهين جو خيال رکڻو پوي ٿو. جيئن تہ جنهن جو تذڪرو لکيو وڃي، تنهن جي پيدائش ۽ وفات جون تاريخون، سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ماحول، سندس زندگيءَ جا اهم واقعا، جن کان شاعر متاثر ٿيو

هجي، سندس همعصرن ۽ شاعرن جي ڪلام تي تذڪره نگار جي بي ريا تنقيد يا تبصرو، جيئن شاعر جي پوري تصوير پڙهندڙن جي اکين اڳيان ڇنڇي وڃي.“ (6)

مختصر لفظن ۾ جيڪڏهن تذڪري کي بيان ڪجي ته: ”تذڪري مان مراد ياداشت ناموآهي“ يا ”ڪنهن شاعر جي زندگي ۽ ان جي چونڊ شعرن جي احوال کي تذڪرو چئجي ٿو.“

## تذڪري جي قدامت

تذڪري جي ابتدا ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي ان سلسلي ۾ ڪٿي به وضاحت سان بيان ناهي ٿيل صرف ان ڳالهه جو پتو پوي ٿو ته اردو ۽ سنڌي ۾ تذڪري جي ابتدا فارسيءَ جي ذريعي ٿي. تذڪره نويسيءَ جي ابتدا ڪيئن ٿي، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر لکي ٿو ته:

ترجمو: ”مسلمانن جي سرتي اسلام جي جن برڪتن سان عظيم علمن ۽ فنن جي ايجاد جو سهرو ٻڌو وڃي ٿو ته ان ۾ ”تذڪره نويسيءَ“ جي فن کي نمايان وقعت ملي... ان فن کي اسماءُ الرجال يا تذڪري جي نالي سان موسوم ڪيو ويو. اهو تاريخ نگاري کان جدا هڪ فن آهي جيڪو ان جي قدم بقدم ترقي پذير رهيو ۽ پنهنجي ارتقائي مرحلن کانپوءِ مختلف قسمن جي صنفن ۾ تقسيم ٿيو. شروع ۾ اهو صرف حديث جي روايت ڪندڙن جي احوال تي مشتمل هو. ان کان پوءِ اهو وڌندو علم ۽ فن جي شخصيتن جي تذڪري جي شڪل ۾ پيش ٿيڻ لڳو ۽ اڄ مؤرخن، مفڪرن، نيڪ ماڻهن، عالمن، فاضلن، شاعرن ۽ اديبن جا تذڪرا يا طبقات اسان جي علمي ۽ ادبي ميراث کي چار چنڊ لڳائي رهيا آهن. تابعين جي دور کان ئي اصحاب تصوف به پنهنجي فڪري ۽ علمي خاصيتن، زهد ۽ تقويٰ جي سبب اهڙي اعليٰ درجي جا مالڪ بڻيا جو انهن جا تذڪرا طبقاتِ صوفيه شڪل ۾ لکجڻ لڳا ۽ عهد به عهد اهو سلسلو اڳيان وڌڻ لڳو.“ (7)

اڳتي وري لکي ٿو ته:

ترجمو: ”رجال جي احوال تي مشتمل ڪتاب کي اصطلاحي لحاظ کان ”تذڪره“ چئجي ٿو پر شروع ۾ اهڙن ڪتابن جي لاءِ اهو لفظ استعمال نه ٿيندو هو. لفظ ”تذڪري“ کي سڀ کان پهرين ان معنيٰ ۾ فريد الدين عطار نيشاپوريءَ (م 627 هه 1229ع) پنهنجي ڪتاب ”تذڪرة الاولياء“ جي لاءِ استعمال ڪيو. ان کان پوءِ اهو لفظ امير دولت شاهه سمرقندي جي ڪتاب ”تذڪرة الشعراء“ ۾ ملي ٿو. ان اصطلاح جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين جيڪي ڪتاب ان موضوع تي لکيا ويا هاڻي انهن کي به ”تذڪره“ ئي چيو وڃي ٿو. جيئن فارسي ٻوليءَ ۾ سڀ کان قديم تذڪرو ”شعرالباب الالباب“ آهي، جيڪو سيد الدين محمد عوفيءَ 618هه/1220ع ۾ تاليف ڪيو آهي.“ (8)

تذڪري جي ابتدا جي باري ۾ ڊاڪٽر فرمان فتح پوري لکي ٿو ته:

ترجمو: ”فارسي ۾ تذڪره نگاري جو آغاز ڪهڙي دور ۾ ٿيو ان جي متعلق وثوق سان ڪوئي حڪم لڳائڻ مشڪل آهي. پوءِ به فارسي جي قديم ترين ماخذن ۽ تذڪرن جي ڇنڊڇاڻ سان اهو ضرور معلوم ٿئي ٿو ته اسلام جي اچڻ کان اڳ ۾ فارسي ۾ تذڪري نگاري جو رواج نه ٿيو هو. فارسيءَ ۾ تذڪره نگاريءَ جي ابتدا اسلام جي اچڻ کان ڪيترائي سال پوءِ 6 صدي هجري کان ٿئي ٿي. فارسي جي قديم ترين دستياب تذڪري جي حيثيت سان جنهن تذڪري جو نالو وٺي سگهجي ٿو. اهو نور الدين محمد عوفي جو ”لباب الاباب“ آهي جيڪو سرزمين پاڪ ۾ ئي اُچ جي والي ناصر الدين قباچا جي دور ۾ لکيو ويو آهي.“ (9)

مطلب ته فارسيءَ ۾ تذڪري جي روايت اسلام جي اچڻ کان پوءِ عربيءَ جي ذريعي داخل ٿي ۽ فارسيءَ ذريعي اردو ۽ سنڌيءَ ۾ تذڪره لکڻ جو رواج پيو. سنڌ ۾ تذڪري جي ابتدا متعلق پروفيسر انعام الحق ڪوثر لکي ٿو ته:

ترجمو: ”سنڌ ۾ فارسي زبان ۾ تذڪره نويسيءَ جي ابتدا ڏهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ٿي. ان زماني ۾ ٺٽو سنڌ جو سڀ کان وڏو علمي مرڪز هو. ان ڪري تذڪره نويسيءَ جو آغاز ۽ ارتقا به اتان ئي ٿيو.“ (10)

## سنڌي ۾ تذڪره نگار جي ابتدا

فارسي ۽ اردو جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ ادبي تاريخ پهرين لکي وئي، جڏهن ته تذڪرو ان کان پوءِ لکيو ويو. سنڌيءَ ۾ پهرين ادبي تاريخ خان بهادر محمد صديق ميمڻ لکي. جيڪا ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. جنهن جو پهريون ڀاڱو 1937ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو ٻيو ڀاڱو پاڪستان جي قيام کان پوءِ 1951ع ڇپجي پڌرو ٿيو. جڏهن ته سنڌيءَ جو پهريون ادبي تذڪرو پروفيسر لطف الله بدويءَ جو لکيل تذڪرو ”تذڪره لطفي“ آهي جيڪو ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. جنهن جو پهريون ڀاڱو 1943ع ۾، ٻيون ڀاڱو 1942ع ۾ ٽيون ڀاڱو 53-1952ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## تذڪره نگاري جا محرڪ

تذڪره نگاري جو آغاز ڪيئن ٿيو ۽ تذڪري لکڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر فرمان فتح پوري وضاحت سان ڪن ڳالهين کي بيان ڪيو آهي. جن کي مختصر طور هيٺ بيان ڪجي ٿو.

1) **پنهنجي يادگار ڇڏڻ جو فطري جذبو:**

هن فن جو اولين محرڪ به انسان جو اهوئي فطري جذبو آهي جنهن ۾ انسان پاڻ کان پوءِ پنهنجي اهڙي يادگار ڇڏي وڃڻ چاهي ٿو جنهن جي ڪري ان جو نالو

قيامت تائين دعائن سان ڳڻ ياد ڪيو ويجي ۽ هو زندهہ جاويد رهي.

2) **بياض نگار ۽ شعرن جي انتخاب جو شوق:**

تذڪره نگاري جو ٻيو وڏو محرڪ شعرن جو انتخاب يا بياض نگاري جو شوق پڻ رهيو آهي. شعرن جي انتخاب جي رسم اوتري ئي پراڻي آهي جيتري خود شعر گوئيءَ جي. شعرن جو انتخاب اصل ۾ تخليقي جذبي ۽ عمل جو ئي هڪ جزو آهي. جنهن کي شعر جي تنقيد جي ابتدا چوڻ گهرجي.

3) **شاعرن جي معاصراڻي اٽوٽت:**

تذڪره نگاري کي ترقي ڏيڻ ۾ شاعرن جي معاصراڻي اٽوٽت، پاڻ ۾ رقابت، گروهہ بندي ۽ علائقائي تعصب کي بہ وڏو دخل حاصل آهي.

4) **مشاعرن جو رواج:**

مشاعرن جو رواج پڻ تذڪره نگاري جي روايت کي اڳيان وڌائڻ ۾ مدد ڏني آهي. اها روايت ايتري پختي ۽ ان قدر عام ٿي جو شهرشهر ڳوٺ ڳوٺ، ڪوني ڪوني بلڪ گهر گهر مشاعرا ٿيڻ لڳا ۽ اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن طور تي اهو سلسلو جاري آهي. مشاعري جي ان عام مقبوليت جي ڪارڻ ئي شعرن جي انتخاب، بياض نگاري ۽ گلدستانگاريءَ جورواج پڻ عام ٿيو. هر هنڌ مشاعرا منعقد ٿيڻ لڳا. ان ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جي شعرن جو انتخاب يا مڪمل غزل گلدستي جي شڪل ۾ شايع ٿيڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن شاعرن جو مختصر احوال پڻ انهن گلدستن ۾ شامل ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي حيثيت تذڪرن جهڙي ٿي ويندي هئي (11)

## بياض:

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق:"اهڙو ڪتاب يا دفتر خاص نڪتن، مسئلن يا شعرن جي ڪتاب کي بياض سڏيو ويندو آهي." (12)

سميرا اعجاز "بياض" جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

ترجمو: "بياض اصل ۾ ان ڪتاب جو نالو آهي جنهن ۾ پراڻي زماني ۾ مختلف شاعرن جا شعر داخل ڪيا ويندا هئا ڪڏهن انهن جو انتخاب موضوع جي اعتبار کان ٿيندو هو، ڪڏهن زماني جي ترتيب جي لحاظ کان يا ذاتي پسند جي بنياد تي." (13)

مطلب تہ بياض اهڙي ڪتاب کي چئجي ٿو جنهن ۾ چونڊ شعر لکيل هجن يا ڪٿي ڪٿي انهن چونڊ شعرن سان گڏ شاعر جو مختصر احوال بہ شامل هجي. ادبي تاريخ نگاري ۾ بياض تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. ادبي مؤرخ کي خاص طور تي پراڻن اديبن ۽ شاعرن جي حوالي سان انهن بياض ڏانهن رخ ڪرڻو پوي ٿو، جن جي دور ۾ ڪتاب شايع ٿيڻ جو رواج نہ هو، انهن جو گهڻو ڪلام بياض ۾ ٽڙيل پکڙيل

هوندو آهي.

## بياض ۽ تذڪري ۾ فرق

بياض، تذڪره نگاريءَ جو ابتدائي نقش آهي. جڏهن اهي ئي نالا يا تخلص آئيوئا يا ابجد جي لحاظ کان ڪنهن خاص نموني سان مرتب ڪيا ويا تہ ان جو نالو تذڪرو ٿي ويو. بقول فرمان فتح پوري:

ترجمو: ”تذڪره نگاري جو اساس بياض آهي. پراڻي زماني ۾ ڇاپخانا نہ هئا. پنهنجي ڪم جون شيون هٿ سان نقل ڪري بياض ۾ محفوظ رکڻيون پونديون هيون ان ڪري جن ماڻهن کي شعر ۽ شاعري سان دلچسپي هئي ۽ شعرن جي انتخاب جوشوق هو انهن پنهنجي پنهنجي پسند جي مطابق شعرن جي انتخاب جو هڪ تحريري رڪارڊ يياض، سفينو يا جنگ جي صورت ۾ رکڻ شروع ڪيو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهوئي بياض تذڪري ۾ بدلجي ويو.“ (14)

بياض ۾ فقط ڪجهہ چونڊ شعرن سان گڏ ڪٿي ڪٿي شاعرن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ملي ٿو جڏهن تہ تذڪرن ۾ تاريخي مواد، شاعرن جي زندگيءَ جو احوال، انهن جي ڪلام تي تنقيد ۽ تبصري سان گڏ انهن ۾ ڪجهہ تحريڪن، ادبي روايتن، شاعري جي محفلن، سماجي رسمن ۽ اخلاقي قدرن جو پتو پڻ پوي ٿو. بقول ڊاڪٽر سيد عبدالله:

ترجمو: ”جيڪي ماڻهو عمدا تذڪره نہ لکي سگهندا هئا اهي پنهنجي ذوق جي تسڪين جي لاءِ بياض مرتب ڪري ڇڏيندا هئا جن ۾ پنهنجي پسند جا شعر ۽ غزل، شاعرن جا نالا ۽ مختصر احوال جمع ڪندا هئا پر بياض جي لاءِ ڪا خاص ترتيب مقرر نہ هئي.“ (15)

مطلب تہ بياض، تذڪري جي لاءِ راهہ هموار ڪئي ۽ بياص ئي اڳتي هلي تذڪري جي صورت اختيار ڪئي.

## تذڪري جا ڪمزور پهلو

هر شيءَ ۾ جتي ڪجهہ خوبيون ٿين ٿيون تہ ان ۾ ڪجهہ خاميون ۽ ڪمزوريون پڻ ٿين ٿيون. اهڙي نموني تذڪري ۾ پڻ ڪجهہ خوبين ۽ اهم پهلوئن سان گڏ ڪجهہ خاميون يا ڪجهہ ڪمزور پهلو بہ آهن. ڊاڪٽر فرمان فتح پوري تذڪري جا ڪجهہ ڪمزور پهلو بيان ڪيا آهن جيڪي هي آهن: ترجمو

- تذڪري ۾ زندگيءَ جو احوال عام طور تي مختصر ۽ ڪلام جي چونڊ اڪثر ڏکي هوندي آهي.
- سوانح ۽ شاعر جي سخن گوئي جي انداز جي سلسلي ۾ تقريباً سيني هڪ

ئي روش اختيار ڪئي آهي.

- شاعرن جي احوالن ۾ انهن جي پيدائش ۽ وفات جي سال، عمر ۽ دور جو ڪو خاص خيال نہ رکيو ويو آهي.
- هڪ شاعر جا شعر ٻئي شاعر سان يا ڪجھ شعر ڪيترن ئي شاعرن سان منسوب ڪيا ويا آهن.
- اڪثر تذڪرن تي هڪ ٻئي جي تقليد جو اثر نمايان آهي ۽ تازگي ۽ نواڻ تمام گھٽ نظر اچي ٿي.
- شعر جي خوبين ۾ گھڻو ڪري صنايع لفظي ۽ معنوي کي اهميت ڏني وئي آهي ۽ ضرورت وقت ان کي ظاهر ڪيو ويو آهي.
- اڪثر طرفداري کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ شاعرن جي تعريف ۽ تنقيد ذاتي لاڳاپن جي بنياد تي ڪئي وئي آهي.
- تنقيدي لب ولهجي تي اخلاقي جوش غالب آهي ۽ عام طور تي سيني کي سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويو آهي. جيئرن کي وڏي عمر جي دعا ڏني وئي آهي ۽ فوتين کي مغفرت جي.
- اڪثر شاعرن جي اسلوب ۽ شعر جي سليقي جي لاءِ مبهم لفظ استعمال ڪيا ويا آهن جن سان شاعر جي حيثيت واضح نٿي ٿئي. (16)

## تذڪري ۽ تاريخ ۾ فرق

غور ڪيو وڃي تہ تذڪري ۽ تاريخ ۾ ڪو ايترو گھڻو فرق نہ آهي ڪيترائي اهڙا تذڪرا آهن جن ۾ تاريخ جون خوبيون نظر اينديون پر تاريخ وانگر تذڪري ۾ سن ۽ دورن جو خاص ڌيان نہ رکيو ويندو آهي. نہ ئي واقعن ۽ حالتن جي ترتيب سن ۽ دورن جي لحاظ کان ڪئي ويندي آهي. تنهن هوندي بہ تذڪرن کي تاريخ کان گھڻو پري نٿو رکي سگهجي.

ڊاڪٽر علمدار حسين بخاري، مولوي ڪريم الدين جي حوالي سان تاريخ ۽ تذڪري جي فرق کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

ترجمو: ”واضح رهي تہ تاريخ ان کي چئجي ٿو جنهن ۾ واقعا ۽ زماني جون حالتون اهڙي نموني لکيون وڃن جو ان مان معلوم ٿي سگهي تہ فلاڻي زماني ۾ اهو حادثو يا واقعو ٿي گذريو. ان جي ابتڙ تذڪري ۾ هڪ خاص قسم جي ماڻهن جو احوال لکيو وڃي ٿو. ان مان معلوم ٿيو تہ تذڪرو خاص آهي ۽ تاريخ عام. ڇاڪاڻ تہ اها تذڪرن تي بہ مشتمل هوندي آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ تذڪرو هڪ قسم جي تاريخ آهي بشرطيڪ ان ۾ هر هڪ شخص جي زماني جو بہ حوالو هجي ۽ جيڪڏهن صرف احوال هجي ۽ تاريخ ڪنهن جي ليي نہ سگهي ۽ نہ مصنف جي

بيان مان واضح هجي تہ ڪهڙي زماني جو احوال بيان ڪري ٿو تہ ان صورت ۾ اهو تاريخ ۾ نہ شمار ٿيندو. بلڪ تاريخ جي پيٽ ۾ هڪ قسم هوندو. مطلب تہ تاريخ ۾ زماني جي واقعن تي بحث هوندو آهي ۽ تذڪري ۾ ماڻهن جو بيان هوندو آهي." (17)

## تذڪري جي اهميت

تذڪرا جيڪي ڪنهن خاص ٽيڪنڪ ۽ اصولن کي اڳيان رکي نہ لکيا ويا هئا پر تنهن هوندي بہ انهن ۾ ڪيترين ئي اهم ڳالهيون ملن ٿيون جيڪي هڪ نقاد، محقق ۽ اديب جي لاءِ رهنمائي کان گهٽ نہ آهن. انهن تذڪرن تي غور ڪجي تہ انهن ۾ ان دور جي شاعرن جي احوال سان گڏ ان وقت جو ماحول سامهون اچيو وڃي. ان سان گڏ ان دور جي معاشرت، ان دور جي ماڻهن جو اخلاقي معيار ۽ معاشي حالت کان بخوبي واقفيت ملي ٿي. انهن تذڪرن جي ذريعي پتو پوي ٿو تہ انهن شاعرن جو علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ڪهڙو مقام هو. ان سان گڏ ان دور جي علمي، ادبي ۽ معاشرتي محفلن، مجلسن، مشاعرن ۽ انهن ۾ ٿيندڙ بحثن مباحثن جي باري ۾ پڻ معلومات ملي ٿي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر فرمان فتح پوري اردو تذڪرن جي اهميت متعلق لکي ٿو جنهن کي سنڌي تذڪرن تي پڻ لاڳو ڪري سگهجي ٿو، هو لکي ٿو:

"مجموعي حيثيت سان پنهنجي سمورين ڪمزورين جي باوجود شاعرن جا تذڪرا اسان جي ادبيات جي تاريخ جو هڪ قيمتي حصو آهن. انهن کي نظرانداز ڪري نہ تہ اسان اردو زبان ۽ ادب جي ارتقائي منزلن جو پتو لڳائي سگهون ٿا ۽ نہ ئي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ڪوئي رشتو قائم ڪري سگهون ٿا. تنهن ڪري ڪلاسيڪي شاعري ۽ ادب پنهي جي باري ۾ اڄ جيڪو ڪجهہ اسان ڄاڻون ٿا انهن ئي تذڪرن جي ذريعي ڄاڻون ٿا ۽ آئيندي بہ. ادبي تاريخ، تنقيد، تحقيق ۽ سوانح نگاري جو ڪو بہ ڪم تذڪرن کان بي نياز ٿي ڪري نٿو سگهجي. تذڪرن جي اهائي اهميت آهي جيڪا ڪنهن اديب يا نقاد کي، ان جي مطالعي تي اڪسائي ٿي ۽ مجبور بہ ڪري ٿي." (18)

حوالا:

1. اردو دائره معارف اسلاميہ، لاهور، دانش گاهہ پنجاب، جلد 2، ڇاپو پهريون، ص 185
2. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر، اردو شعراءِ کي تذڪري اور تذڪره نگاري، ڪراچي، انجمن ترقي اردو پاڪستان، 1998ع، ص- 11
3. ڪوثر، انعام الحق، پروفيسر، ڊاڪٽر، مقالو: "ڪلهوڙا عهد ۾ فارسي تذڪره نويسي" ٽماهي "پيغام آشنا"، شمارو 27، سرءُ، آڪٽوبر کان ڊسمبر 2006ع ص-58
4. ساڳيو

5. گرامي، مولانا غلام محمد، پيش لفظ، ڪتاب مولانا گراميءَ جون تحريرون، ڀاڱو-پهريون، مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، 2009ع، ص- 525
6. مظفر حسين جوش، مضمون سنڌي ادب ۾ تذڪره نگاري"ڪراچي ماهوار نئين زندگي، نومبر 1960، ص-4
7. انعام الحق ڪوثر، پروفيسر، ڊاڪٽر مقالو: ساڳيو، ص-58
8. ساڳيو، ص- 59
9. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر: ساڳيو ص، 15
10. ڪوثر، انعام الحق، پروفيسر، ڊاڪٽر، مقالو: ساڳيو ص-53
11. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر، ساڳيو ص- 31
12. انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد پهريون، ا-ب فهميده حسين، پروفيسر، ڊاڪٽر، چيف ايڊيٽر ۽ نگران اعليٰ، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2009ع، ص- 508
13. سميرا اعجاز، مقالو: "ادبي تاريخ نويسي ڪي ماخذ"، ساڳيو، ص- 321
14. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر، ساڳيو، ص- 37
15. سيد عبدالله،ڊاڪٽر، شعراءِ اردو ڪي تذڪري، لاهور، مڪتبہ خيابانِ ادب، 1968، ص- 80
16. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر، ساڳيو، ص-76
17. بخاري، علمدار حسين، ڊاڪٽر، مقالو: "اردو شاعري ڪي تذڪري اور ادبي تاريخ" دريافت، شمارو، اٺون، اسلام آباد، نيشنل يونيورسٽي آف ماڊرن لينگوئجز، جنوري، 2009ع، ص- 39.
18. فرمان فتح پوري، ڊاڪٽر، ساڳيو، ص-93.